SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ حڪم نامو نمبر XVIII مجريہ 1973

SINDH ORDINANCE NO. XVIII OF 1973

آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ مجريہ 1973ع

THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

ديباچو

1. مختصر نالو ۽ عمل
2. ترميمون
3. سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 جي دفعہ 43 ۾ تبديلي.
4. سنڌ ايڪٽ IV مجريہ 1 940 جي دفعہ 3، 4 ۽ 5 جا متبادل.
5. مغربي پاڪستان آرڊيننس II، مجريہ 1960 جي دفعہ 4، 5، 6، 13 جا متبادل.

سنڌ قانون نمبر XVIII، 1973

SINDH ORDINANCE NO. XVIII OF 1973

آبڪاري قانون (سنڌ ترميم)ايڪٽ مجريہ 1973ع

THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

5 ڊسمبر 1973

اهو ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878، سنڌ ڪنزميشن آف انٽاڪسنٽس رسٽرڪشن ايڪٽ 1970، ۽ ويسٽ پاڪستان پروهبيشن آف اوپيم آرڊيننس 1960ڪي بدلايو ويو.

ان لاءِ ايڪٽ هن ريت جوڙيو پيو وڃي

1. (i) آبڪاري قانون (سنڌ ترميم)ايڪٽ مجريہ 1973 سڏائيندو.

(ii) هي يڪدم نافذ العمل ٿيندو.

2. جدول جي ڪالم نمبر 1 ۾ ڄاڻايل قانون هن سان بدلايا پيا وڃن ۽ اهي هن ريت ڪالم نمبر 2 واري صورت وٺندا.

جدول

قانون جو عنوان	ترميمون
1. سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878 جو دفعہ نمبر 43	(الف) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن ”ڇهہ مهينا يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي هڪ هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي ڏنڊ ۽ سزا “ جي لفظن کي ”ٽي سال يا ڏنڊ سميت جيڪو پنج هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي“ جي لفظن سان بدلايو ويندو.
	(ب) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن ”ٻارنهن

	مهينا ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو“ کي ”پنج سال ۽ ڏنڊ جيڪو ستن هزارن تائين وڌائي سگهجي ٿو“ جي لفظن سان متايو ويندو.
	(ت) ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن ”ٻارنهن مهينا ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو“ کي ”پنج سال ۽ ڏنڊ جيڪو ستن هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو.“ لفظن سان متايو ويندو.
	2. دفعہ 46 ۾ ڪاما ۾ رکيل لفظن ”هڪ هزار روپيا يا جيل سميت جيڪو وڌائي سال ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي“ کي ڪاما ۾ رکيل هنن لفظن سان بدلائبو: ”ست هزار روپيا يا جيل سميت جنهن کي وڌائي پنج سال ڪري سگهبو يا ٻئي.“
	3. دفعہ 51 ۾ ڪاما ۾ رکيل لفظن ”پنج هزار روپيا يا جيل سميت جنهن جو مدو ڇهن مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿو“ يا ٻئي، کي ڪاما ۾ رکيل هنن لفظن سان بدلايو ويندو: ”پنج هزار روپيا يا جيل سميت جنهن جو مدو ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي.“
	4. دفعہ 55_A ۾ ”هڪ هزار روپيا“ کي ”پنج هزار روپيا“ سان بدلايو ويندو.
دي سنڌ ڪنزميشن آف	(الف) ”ڇهہ مهينا يا ڏنڊ سميت

انٽاڪسنٽس رسٽرڪشن ايڪٽ 1940، جي دفعہ 3،4 ۽ 5 ۾ ترميم.	جيڪو وڌائي پنج سئو رپيا ڪري سگهجي ٿو ". لفظن کي ٻين لفظن "ٽي سال يا ڏنڊ سميت جيڪو پنج هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" سان مٽايو ويندو ۽
	(ب) "هڪ سال يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي هڪ هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو"، لفظن کي هنن متبادل لفظن سان مٽايو ويندو. "پنج سال يا ڏنڈ سميت جيڪو ست هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو."
دي ويسٽ پاڪستان پروهبيشن آف اوپيم سموڪنگ آرڊيننس 1960 ۾ ترميم	1. دفعہ 4 ۾ لفظن "ٻہ سال يا ڏنڈ سميت جيڪو وڌائي ٻہ هزار ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي" کي متبادل لفظن "پنج سال يا ڏنڈ سميت جيڪو وڌائي ست هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ" سان بدلايو ويندو.
	2. دفعہ 5 ۾ لفظن "ڏنڈ جيڪو وڌائي پنج هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو." کي متبادل لفظن "سادي يا سخت پورهئي سان سزا جيڪا وڌائي پنج سال ڪري سگهجي ٿي يا ڏنڈ سميت جيڪو وڌائي ست هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو" يا "ٻئي گڏ" سان بدلايو ويندو.
	3. دفعہ 6 ۾ ڪاما ۾ رڪيل لفظن "هڪ سال، يا ڏنڈ سميت جيڪو وڌائي هڪ هزار روپيا ڪري

	سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ“ کي هنن متبادل لفظن سان بدلايو ويندو: ”پنج سال، يا ڏنڊ سميت جيڪو ست هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ.“
	4. دفعہ 13 ۾ هن کي بدلايو ويندو:ـ
	”“13 ڪو بہ ايڪسائيز آفيسر جيڪو حڪم نامي هيٺ سزا جوڳي ڏوهہ جي جاچ پڙتال ڪرڻ جو اختيار رکندو هوندو، ان کي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (ايڪٽ V، مجريہ 1898 جي سهمت موجب اهڙيءَ ماڻهوءَ کي ضمانت ڏيڻ جو اختيار هوندو جنهن کي وارنٽ ڪانسواءِ حڪم نامي هيٺ سزا لائق ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي.“)

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.